SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريه 1988

SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1988

سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) آرڊيننس، 1988

THE SINDH CIVIL SERVANTS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1988

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعه 13 جي ترميم
Amendment of Section 13 of Sindh Act XIV of 1973

سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريہ 1988

SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1988

سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) آرڊيننس، 1988

THE SINDH CIVIL SERVANTS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1988

[16 آڪٽوبر 1988]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته سنڌ اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال جي تقاضا آهي ته تڪڙو قدم کنيو وڃي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هينئيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) آرڊيننس، 1988 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1973 جي سنڌ

2. سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ، 1973 جي دفعہ 13 جي

شق (i) ۾ سيمي ڪولن کانپوءِ هينئيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو.	ايڪٽ XIV جي دفعہ 13 جي ترميم
"بشرطيڪ ڪو بہ سرڪاري ملازم تيستائين رڪائر نہ ٿيندو جيستائين ڪيس سندس خلاف ڪنيل قدمن جي حقيقت کان لکت ۾ آگاھہ نہ ڪيو وجي ۽ جيستائين ڪيس اھڙي قدم خلاف صفائي پيش ڪرڻ جو موزون موقعو فراھم نہ ڪيو وجي."	Amendment of Section 13 of Sindh Act XIV of 1973

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻھن جي واقفيت لاءِ آھي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگھجي.